# SINDH ACT NO.XIX OF 2014

# The Sindh Civil Servants (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX، مجريہ 2014

# سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت (ترميم) ايڪٽ، 2014

## فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ

(Short Title and Commencement)

2. سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريہ 1973 جي دفعہ 23_C ۾ اضافو.

Insertion of section 23_C in Sindh Act No.XIV of 1973.

# SINDH ACT NO.XIX OF 2014

# The Sindh Civil Servants (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX، مجريه 2014

# سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت (ترميم) ايڪٽ، 2014

[11 نومبر 2014]

سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت ايڪٽ مجريه 1973 کي تبديل ڪرڻ لاءِ ايڪٽ.

جيئن ته اها وقت جي تقاضا آهي ته سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت ايڪٽ، مجريه 1973 (The Sindh Civil Servants Act, 1973) کي تبديل ڪيو وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيڪو هن ريت بدلايو پيو وڃي:

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت (ترميم) ايڪٽ، 2014 (The Sindh Civil Servants (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

2. سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت ايڪٽ، مجريه 1973 جي دفعه 23_B کان پوءِ هي اضافو ڪيو ويندو:

"23_C. وفاقي ملازمن جي مقرري (23_C. Appointment of Federal Civil Servants.) (1) جيڪڏهن ڪا ڳالهه هن ايڪٽ جي منحرف نه آهي ته پوءِ سرڪار، پڌرائي (notification) ذريعي ڪنهن به ماڻهوءَ کي صوبي جي سرڪاري ملازم طور مقرر ڪري سگهي ٿي، يا هن کي صوبائي مامرن سان لاڳاپيل عهدي تي رکي سگهي ٿي، يا جيڪو ملڪ جي آئين (ارڙهين ترميم) ايڪٽ 2010 (ايڪٽ نمبر X مجريه 2010) جي لاڳو ٿيڻ کان ٿورو اڳ وفاقي مامرن سان لاڳاپيل ڪو عهدو رکندڙ هوندو ۽ هن جون خدمتون انهيءَ ترميم ٿيل ايڪٽ مجريه 2010 جي روشني ۾

سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1973 جي دفعه 23_C ۾ اضافو.
Insertion of section 23_C in Sindh Act No.XIV of 1973.

صوبي حوالي ڪيون ويون هونديون.

(2) حڪومت تجويز ڪيل طريقي پٽاندر ذيلي دفعه (1) جي روشنيءَ ۾ سندس سينيارٽي سميت نوڪري جا شرط شروط (terms and conditions) طئي ڪندي.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**